german humanitarian assistance
DEUTSCHE HUMANITÄRE HILFE

ToGETHER!
Towards Greater Effectiveness and Timeliness in Humanitarian Emergency Response

FRDP
SERVING GRASSROOT COMMUNITIES

WELT HUNGER HILFE
WHH



ڪنوڻ بابت بنيادي ڄاڻ
۽
بچاءَ جون تدبيرون

پاران

FRDP
SERVING GRASSROOT COMMUNITIES

AUTHORS	DR. ZAFFAR IQBAL JUNEJO , ATTA MUHAMMAD CHOPAN
FIELD RESEARCHERS	ABDUL QAYOOM , SHOBAN, SOHAI , ANITA , FARHAN ,DEWAN
REVIEWERS	FOZIA AZIZ, ZAHEER UD DIN BABAR, NAZISH SAMO
EDITOR	ABDUL GHAFOOR
DESIGNERS	AISHA KHAN

ڪاپي رائيٽ

ڪاپي رائيٽ © 2025 FRDP (فاسٽ رورل ڊولپمينٽ پروگرام)

هي ڪتابچو، ”ڪنوڻ بابت بنيادي ڄاڻ ۽ احتياطي تدبيرون“، مقامي ماڻهن ۽ تنظيمن لاءِ ڪنوڻ بابت آگاهي ۽ حفاظت جي وڌائڻ جي حوالي سان تيار ڪيو ويو آهي. هن مواد کي يا ان مان ڪنهن به حوالي کي استعمال ڪندي، بنيادي مڃتا لازمي طور تي FRDP کي ڏني وڃي .



فهرست

مهاڳ 03
ٽوگيدر 2.0 04
ايف آرڊي پي (FRDP) جو تعارف 04

1. بنيادي ڄاڻ

آبهوا 05
موسم 05
گرمي پَڌُ 06
واءُ يا هوا 06
هوا جو داٻُ 06
هوا جو رُخُ 07
هوا جي رفتار 07
گِهَم ۽ ڪڪرن جو ٺهڻ 08
مينهن پوڻ 09
گوڙ يا گجگوڙ 10

2. کنوڻ يا وِڄُ

کنوڻ جي وصف 11
کنوڻ جو ٺهڻ 11
کنوڻ جو ڪِرَڻَ، زمين ۽ ڪڪرن جي وچ ۾ چارج جو فرق 11
گرمي پَڌَ ۾ واڌ ۽ کنوڻ جو ڳانڍاپو 12
کنوڻ ڪِرَڻَ جي واقعن ۾ واڌ جو سبب 13
ٿر ۾ کنوڻ ڪِرَڻَ جون عام صورتون 13
کنوڻ جو سڌو سنئون ڪرڻ ۽ نقصان ڏيڻ 13
ٿر ۾ سانوڻيءَ / چؤماسي وقت کنوڻ ڪِرَڻَ جا واقعا 14
سانوڻي / چؤماسي کان اڳ 14
سانوڻي / چؤماسي دوران 14
چؤماسي کان پوءِ 14

3. ٿر ۾ کنوڻ بابت مشاهدا ۽ امڪاني نقصان

کنوڻ ڪِرَڻَ بابت ٿرواسين جا مشاهدا 15
وِڄ ڪِرَڻَ سبب ٿيندڙ امڪاني نقصان 15

4. کنوڻ کان بچاءُ لاءِ احتياطي تدبيرون 16

5. سرڪاري ادارن، تعليمي ۽ تحقيقي ادارن، غير سرڪاري ادارن، مددي ادارن ۽ سماجي ڪارڪن جو ڪردار 20

سرڪاري کاتن جو ڪردار 20
تعليمي ۽ تحقيقي ادارن جو ڪردار 22
مددي ۽ فلاحي ادارن جو ڪردار 23
سماجي تنظيمن ۽ ڪارڪنن ڪردار 24

6. کنوڻ کان بچاءُ بابت ياد رکڻ جهڙيون ڳالهيون 25

تجويزي ۽ شڪايتي طريقيڪار 26

مهاڳ

قدرتي آفتون انسان جي زندگي تي اثرانداز ٿيندڙ اهم عنصرن مان هڪ آهن، ۽ انهن جي سمجهاڻي ۽ اثرن کي گهٽائڻ لاءِ تحقيق بنيادي اهميت رکي ٿي. صوبائي قدرتي آفتن جي انتظامڪاري واري شعبي (PDMA) جي سهڪارسان اسان جي تحقيق جو مرڪزي موضوع خاص طور تي ٽرپارڪر جهڙي علائقي ۾ ڪنوڻ (وچ) جا واقعا ۽ انهن جا انساني ۽ سماجي زندگي تي پوندڙ اثر هئا.

هي تحقيق آفيس آف ريسرچ، انوويشن ۽ ڪمرشلائيزشن (ORIC) يونيورسٽي آف صوفيزم ۽ مادرن سائينسز ۽ فاسٽ رورل ڊولپمينٽ پروگرام (FRDP) جي گڏيل سهڪار سان ڪئي وئي، جيڪي علمي تحقيق ۽ سماجي پلائي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. انهن جي تعاون هيٺ تحقيق کي منظم ڪرڻ، ڊيٽا گڏ ڪرڻ، ۽ اثرائتا نتيجا حاصل ڪرڻ ممڪن ٻٽيو.
تحقيق دوران، اسان کي مختلف ادارن ۽ فردن جو غير معمولي سهڪار حاصل ٿيو. ظلعي انتظاميه ٽرپارڪ، پاڪستان ميٽرولوجيڪل ڊپارٽمينٽ، ۽ پريس ڪلب مٺي جي سينئر صحافي ڪاٽائو جاني هن تحقيق ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان کان علاوه، ٽري لوڪ ڏاهپ جا ماهر جيڪي ٽرپارڪر جي ثقافت ۽ ماحولياتي حالتن جا ڄاڻو آهن، پنهنجي علم ۽ تجربي سان تحقيق کي وڌيڪ جامع ٻٽايو.
اسان سماجي تنظيمن جي نمائندن سان انٽرويو ڪيا ۽ انهن ماڻهن سان پڻ گڏجاڻيون ڪيون، جيڪي ڪنوڻ جي واقعن مان سڌو متاثر ٿيا هئا. انهن ماڻهن جا ذاتي تجربا ۽ مشاهدا تحقيق لاءِ انتهائي قيمتي ثابت ٿيا. خاص طور تي، انهن ڳوٺ وارن ماڻهن جو سهڪار اهم رهيو، جتي ڪنوڻ جا واقعا پيش آيا.
ڊيٽا گڏ ڪرڻ ۽ فيلڊ ۾ ڪم ڪرڻ دوران، ايف آر ڊي پي جي ٽيم تحقيق ۾ سرگرم طور شامل رهي ۽ فني سهڪارسان گڏ، علائقائي حالتن جي سمجهاڻي ۾ مدد ڏني.

(PDMA, ORIC) ۽ FRDP جي گڏيل تعاون سان ٿيل هي تحقيق نه صرف ٽرپارڪر ۾ قدرتي آفتن جي اثرن کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي، پر مستقبل ۾ اهڙين آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عملين جي تشڪيل ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندي. اسان يقين رکون ٿا ته هي تحقيق قدرتي آفتن بابت آگاهي، محفوظ رهڻ جا طريقا، ۽ نون وسيلن جي ڳولا لاءِ هڪ نئون رستو کولي ڏيندي.

ٹوگيدر 2.0

ٹوگيدر ۲.۰ جي ذريعي حاصل ڪيل، گڏيل محنتن ۽ تجربن تي ٻڌل مسلسل ترقي جو نتيجو آهي. هن منصوبي ۾ دنيا جا اٺ ترقي پذير ملڪ شامل آهن، جن ۾ پاڪستان، انڊونيشيا، بنگلاديش، ميانمار، ڪولمبيا، صوماليا، ڪانگو ۽ ايٿوپيا اچن ٿا. هن اٺن ملڪن ۾ مقامي سطح تي انسانيت جي پلائي تي پهرين ڪان ئي ڪم ڪندڙ ۴۰ مقامي ادارا پنهنجي گڏيل ڪوششن سان مقامي سطح تي انسانيت جي پلائي لاءِ ڪم ڪندڙ ننڍڙن مقامي ادارن جي صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ، هنگامي بنيادن تي درپيش ايندڙ مسئلن، ۽ متوقع آفتن کان بچاءَ لاءِ پلان تيار ڪرڻ ۽ انهن جون اڳواٽ زميواريون ورهائڻ تي ڪوششون ڪرڻ شامل آهي.



ايف آر ڊي پي (FRDP) جو تعارف

فاسٽ رورل ڊولپمينٽ پروگرام هڪ مقامي، غير منافع بخش ۽ غير سرڪاري ادارو آهي. جيڪو 2007 کان مقامي ۽ ملڪي سطح تي غربت جي خاتمي، قدرتي آفتن دوران ترت امداد جي فراهمي، پيئڻ جي پاڻي، کاڌ خوراڪ جي بهتر منصوبه بندي، بنيادي صحت، تعليم، گهرن جي تعمير، ماحولياتي تبديلي ۽ بهتر انتظام ڪاري، ادارتي صلاحيتن ۾ بهتري، يتيمن، بيواهن جي امداد جهڙن ڪمن ۾ مشغول عمل آهي.

1. بنيادي ڄاڻ



ڪنوڻ بابت ڄاڻڻ ڪان اڳ ۾ انتهائي ضروري آهي ته آبهوا، موسم ۽ موسم تي اثرانداز ٿيندڙ اثرات / عنصرن بابت معلومات حاصل ڪريون .

آبهوا:

ڌرتيءَ جي چوگرد موجود گيس جي تهه کي آبهوا چئجي ٿو.



موسم:

ڪنهن خاص جڳهه ۽ مخصوص وقت تي آبهوا ۾ آيل تبديلين کي موسم سڏجي ٿو.





گرمي پد:

ڪنهن به مادي يا جسم جي ڪوساڻ يا ٽڏاڻ ڪي گرمي پد سڏبو آهي. گرمي پد ماپڻ لاءِ ٿرمامیٽر يا اهڙي قسم جو ٻيو اوزار استعمال ڪيو ويندو آهي. گرمي پد فارنهائيٽ (°F) يا سينٽري گريڊ (°C) ۾ ماپيو ويندو آهي.



واءُ يا هوا:

ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي هوا جي ڇُرپُر ڪي واءُ يا هوا چئبو آهي.



هوا جو داب:

ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي پوندڙ هوا جي داب کي وايو منڈل جو دباءَ به چئبو آهي. هوا جو دباءَ ماپيندڙ اوزار جو نالو بيرو ميٽر آهي، هوا جو دباءَ ملي بار (mb) ماپيو آهي.



هوا جو رخ:

هوا جنهن طرف کُهلي ٿي ان کي هوا جو رُخ چئبو آهي. هوا جو رُخ هڪ سادي اوزار سان معلوم ڪيو ويندو آهي جنهن کي سنڈيءَ هوا ڏَسِڻو چئبو آهي.



هوا جي رفتار:

هوا جي رفتار انيمو ميٽر ذريعي معلوم ڪئي ويندي آهي، رفتار جي ماپ ناٽن ڪلاڪ يعني ساموندي ميلن جي حساب سان معلوم ڪئي ويندي آهي.

گهم ۽ ڪڪرن جو ٺهڻ:

وايومنڊل ۾ پاڻي ٻاڦ جي صورت ۾ موجود هوندو آهي. جڏهن گرمي پد ۾ واڌ ايندي آهي ته پاڻي پنهنجي صورت پاڻياٺ مان مٽائي گيس يا ٻاڦ جي صورت وٺندو آهي. پاڻيءَ جي انهيءَ صورت جي مقدار کي گِهَم چئبو آهي.

اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته گِهَم جو مدار ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي موجود ڍنڍن، ندين ۽ سمونڊن مٿان گذرندڙ هوا تي آهي. مثال طور جيڪڏهن هوا ڪنهن به پاڻيءَ مٿان ڊگهي مفاصلي ۽ گهڻي وقت تائين گذري ٿي ته ان علائقي ۽ ڀرپاسي ۾ گِهَم به گهڻي ٿيندي آهي. پر جيڪڏهن هوا خشڪ پٽن ۽ رڻ پٽن مٿان گذري ٿي ته ان علائقي ۽ ڀرپاسي ۾ گِهَم گهٽ ٿيندي.



مينهن وسڻ

وايو منڊل ۾ موجود ٻاڦ جي ننڍڙن ذرڙن جو ٿڌي ٿيڻ سبب پاڻي ,پاڻيائ جي صورت اختيار ڪندو آهي. انهيءَ شڪل کي موسميات جا ماهر "گهاٽو ٿيڻ" چوندا آهن. شروع ۾ اهي پاڻيءَ جا ڦڙا ننڍڙا ۽ هلڪڙا هوندا آهن ۽ وايومنڊل ۾ ترندي ترندي ڪڙناهيندا آهن پوءِ موافق طبعي حالتون ملڻ سبب اهي ننڍڙا پاڻيءَ جا ڦڙا هڪبئي سان ملي وڏيڪ ٿلها ۽ ڳرا/وزني ٿي پوندا آهن. نتيجي ۾ ڪڪر جُڙي پوندا آهن. پوءِ جڏهن گرميءَ جو پد مٿي چڙهندو آهي ته اهي ڪڪر مينهن جي صورت ۾ وسي پوندا آهن. پر جيڪڏهن گرمي پد چگو خاصو گهٽ ٿيندو آهي ته پوءِ برف ۽ ڳڙا ٿي پوندا آهن. مينهن ماپڻ جي اوزار کي رين گيج يا مينهن ماپ اوزار سڏبو آهي ۽ مينهن ملي ليٽرن (ml) ۾ ماپبو آهي.



گوڙيا گجگوڙ:

گوڙيا گجگوڙ تڏهن ٿئي ٿي جڏهن ڪنوڻ (جيڪا هڪ قدرتي بجلي آهي) پنهنجي توانائي خارج ڪري ٿي، ڪنوڻ هڪ توانائي خارج ڪندي آس پاس موجود هوا کي گرمائي، بي انتها دباءُ پيدا ڪندي هڪ رستو ٺاهي ٿي جيڪو ڦهلاءُ ڪندي جهٽڪي سان هڪ طاقتور لهر پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ جهٽڪي سبب جيڪو آواز ٿئي ٿو تنهن کي گوڙيا گجگوڙ چئجي ٿو.



ڪنوڻ يا وِڄُ



ڪنوڻ جي وصف:

مينهن وقت آسمان تي پيدا ٿيندڙ بجليءَ جي چمڪاٽ جيڪا زمين تي ڪري وڻ، جانور يا ڪنهن جڳهه کي نقصان پهچائي ته ان کي ڪنوڻ يا تي وِڄ، چئبو آهي .



ڪنوڻ جو ٺهڻ:

هي هڪ قدرتي عمل آهي، جيڪو برقي طور تي چارج ٿيل بن ڪرن ۽ ماحول جي وچ ۾ ساڪت بجلي جي خارج ٿيڻ سان آسمان تي عارضي طور بجليءَ جي چمڪي جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو.



ڪنوڻ جو ڪرڻ، زمين ۽ ڪرن جي وچ ۾ چارج جو فرق:

جڏهن ڪرن جي اندر ڪاٽو چارج وڌي ٿي ته اها زمين جي واڌو چارج کي چڪي ٿي يا چڪ ڪائي ٿي . اهڙي فرق کي برابر ڪرڻ لاءِ توانائي خارج ٿئي ٿي جنهن کي ڪنوڻ چئجي ٿو.

گرمي پد ۾ واڌ ۽ ڪنوڻ جو ڳانڍاپو

- گرمي پد ۾ واڌ سبب وايومنڊل ۾ موجود پاڻي ٻاڦ بنجي مٿي وڃي ڪڪر ٺاهي ٿو ۽ موافق طبعي حالتن سبب مينهن وسي ٿو ڪجگوڙ ٿئي ٿي ۽ ڪنوڻ به ڪري ٿي.
- گرم هوا سبب وايو منڊل ۾ اوچتو تبديلي اچي ٿي ۽ هڪ خاص طبعي ماحول جُڙي ٿو جنهن سبب مينهن، ڪجگوڙ ۽ ڪنوڻ ڪرڻ جي طبعي عمل ۾ تيزي اچي ٿي.
- ڏرجي آبهوا ۽ موسم ۾ وڏي عرصي کان آيل تبديلين سبب وسڪاري جي شدت، رُخ ۽ ماڳن تي مينهن وسڻ جي ڪيفيت ۾ فرق آيو آهي.
اها صورتحال ڪنوڻ ڪرڻ تي به اثرانداز ٿي آهي، ان ڪري اڳئين وقت جي پيٽ ۾ هن وقت ڪنوڻ ڪرڻ جا واقعا وڌيڪ ٿين ٿا.



ٹرمِ کنوڻ ڪِرَڻَ جي واقعن ۾ واڌ جا سبب

- ٹرمِ کنوڻ ڪِرَڻَ جا سبب هڪ کان وڌيڪ ٹي سگهن ٿا پر موسمياتي ماهرن جو چوڻ آهي ته گرمي پد ۾ هڪ سينٽي گريڊ واڌ به کنوڻ ڪِرَڻَ جي واقعن کي وڌائي سگهي ٹي.
- ٹرجي آبهوا خشڪ آهي ۽ مينهن به گهٽ پوي ٹو ۽ چؤماسي /سانوٽي جون هوائون پڻ تيز گُهلن ٹيون جيڪي پاڻ سان گڏ گجگوڙ ڪندڙ مينهن آٹين ٹيون ۽ اهڙي صورتحال کنوڻ ڪِرَڻَ جو سبب بڻجي ٹي.



ٹرمِ کنوڻ ڪِرَڻَ جون عام صورتون

ٹرمِ وِچ بن صورتن ۾ ڪِري ٹي ۽ نقصان ڏئي ٹي. اهي صورتون هي آهن .



کنوڻ جو سڌو سنئون ڪرڻ ۽ نقصان ڏيڻ:

هن صورتحال ۾ کنوڻ سڌو سنئون ماڻهن، مال متاع، وڻن، فصلن ۽ جڳهن مٹان ڪرندي آهي ۽ نقصان ڏيندي آهي.

ڪنوڻ جو اڻ سڌو ڪرڻ ۽ نقصان ڏيڻ:

هن صورتحال ۾ ڪنوڻ ڪنهن وڻ، فصل، گهرن ۽ ٻين اهڙن هنڌن تي ڪرندي آهي ۽ اتي موجود ماڻهو، جانورءِ ٻيا جيو/ جاندار نتيجي ۾ زخمي ٿيندا آهن يا ڪن حالتن ۾ مري ويندا آهن . هتي ياد رکڻ گهرجي ته ڪنوڻ جڏهن ڪنهن ترائي، تلاءُ، ڍنڍ ۽ پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ڪرندي آهي ته انهيءَ مخصوص هنڌ تي ڪجهه دير بجليءَ جو ڪرنٽ موجود هوندو آهي جيڪو پڻ نقصان ڏيئي سگهي ٿو .



ٿرمِ سانوٽيء / چؤماسي وقت ڪنوڻ ڪِرَڻَ جا واقعا

ٿرمِ ڪنوڻ سانوٽي /چؤماسي کان اڳ، سانوٽي/چؤماسي دوران ۽ سانوٽي / چؤماسي کان پوءِ ڪري ٿي .



سانوٽي /چؤماسي کان اڳ:

سانوٽي/چؤماسي کان اڳ گرمي پد هوريان هوريان وڌي ٿو ۽ ڪنوڻ ڪرڻ جا امڪان به شروع ٿين ٿا .

سانوٽي/چؤماسي دوران:

چؤماسي وقت ڪنوڻ ڪرڻ جا چؤماسي وقت گرمي پد ۾ تڪڙي واڌ ايندي آهي ۽ گڏوگڏ تيز هوا ۽ گجگوڙ به ٿيندي آهي . انهيء وقت ڪنوڻ ڪرڻ جا واقعا به گهٽا ٿيندا آهن .



چؤماسي کان پوءِ:

چؤماسي کان پوءِ ڪنوڻ ڪرڻ جا واقعا گهٽ ٿيندا آهن ڇو ته مينهن، گجگوڙ ۽ ڪنوڻ ڪرڻ لاءِ گهربل طبعي وايو منڈل جُڙي نه سگهندو آهي .

ٿرمِ ڪنوڻ بابت مشاهدا ۽ امڪاني نقصان



ڪنوڻ ڪِرَڻ بابت ٿرواسين جا مشاهدا

ٿر جي ماڻهوءَ جي مشاهدي موجب وِڃ ڪرڻ جون عام نشانيون هي آهن .

- ڪنوڻ جا تيز ۽ لڳاتار چمڪاٽ
- گجگوڙ۽ ڪڙڪاٽ
- گونگو مينهن ٻيهي وقت
- مينهن سان گڏ تيز هوا
- هڪ هنڌ مينهن جو تيز ۽ وڏڦڙو ٿي وسڻ

وِڃ ڪِرَڻ سبب ٿيندڙ امڪاني نقصان

ٿر جي طبعي حالتن کي نظر ۾ رکندي ڇڻ قسمن جا امڪاني نقصان ٿي سگھن ٿا .

جيئن: انسان جو معذور ٿيڻ يا موت جو واقع ٿيڻ، مال متاع ۽ فصلن کي نقصان ٿيڻ، گھرن کي نقصان پھچڻ، روڊن رستن، اسڪولن، اسپتالن ۽ ٻين سھائتا ڏيندڙ ادارن کي نقصان پھچڻ ۽ ثقافتي ۽ آثار قديمه وارن ماڳن جو ڏھڻ ۽ ٻُرڻ .





ڪنوڻ کان بچاءُ لاءِ احتياط ۽ تدبيرون



- ڪارا ڪڪر، تيز هوا، ڪنوڻ جا چمڪاٽ، وِڄ ڪِرڻ جي امڪان کي وڌائين ٿا.



- ٻارن، پوڙهن، معذورن ۽ ڳورهارين عورتن کي گهر ۾ رهڻ گهرجي.



- مال متاع کي واڙي ۾ واڙجي ۽ ڪوشش ڪري منهيا ڇپري هيٺان ٻڌو وڃي.



- جيڪڏهن ڪو جا نور گهر جي اڱڻ تي يا وڻ هيٺان ٻيٺل يا ٻڌل آهي ته اُن کي اُتان ڇوڙي، ڇپري اندر ٻيهاري ڇڏجي.



- تيز گوڙ واري مينهن يا وسڪاري ۾ وهنجڻ نه گهرجي.



- سولائي سان باهه لڳندڙ شيون ڏکي ۽ محفوظ ڪري رکجن.



- ڪليل ميدانن ۾ نه ييهجي، نه ئي گھٽين ۾ گھمجي.



- گجگوڑ۽ مينهن وقت، مٿي يا ڇپرن تي رکيل سامان کي چڪي نموني ڏسجي، ٻاهر مينهن دوران مٿو ڏکيل هجي ڇو ته وار ڪنوڙ لاءِ هڪ سٺو پسرائيندڙ عنصر آهن.



- جھنگ ۾ ڪنوڙ دوران وڻن ھيٺ ويھڻ خطرناڪ ٿي سگھي ٿو.



- ڪابه ڪُليل جاءِ يا هنڌ ڪنوڙ جو نشانو ٿي سگھي ٿي.



- بند ڪمرو يا بند گھر سپ کان محفوظ جڳھ سمجھيا ويندا آھن .



- ڪنوڻ دوران چوڻري /ڪمري ،ڪار يا گاڏيءَ جون دريون بند رکجن .



- ڪنوڻ دوران چوپائي مال کي ترائي يا پاڻي لاءِ پري تائين واري جڳھ ڏانھن نه ڇڏجي ۽ پاڻ به انھن جڳھين کان پري رھجي .



- جيڪڏھن مينھن کان بغير آسمان تي ڪنوڻ ٿي رھي آھي ته به اُن جڳھ تي وڃ ڪِرڻ جو خطرو موجود رھي ٿو .



- جيئن ته ڪنوڻ به اليڪٽريڪل ڪرنٽ آھي، تنھنڪري بجليءَ جي مشينن ۽ پسرائيندڙ شين کان پري رھجي .



- ڪنوڻ دوران بجلي جي ٽڻين ۽ تارن ڪان پري رهجي.



- ڪمري جي در يا دري مان مٿو يا منهن ڪيڊي ڪنوڻ جومنظر ڏسڻ کان پاسو ڪجي.



- ڪنوڻ دوران ٽيليفون/ موبائيل فون استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪجي.



- ڪنوڻ اوچائي وارين جاين کي اڪثر نشانو بڻائيندي آهي.

سرڪاري ادارن، تعليمي ۽ تحقيقي ادارن، غيرسرڪاري ادارن، مددي ادارن ۽ سماجي ڪارڪن جو ڪردار

سرڪاري ڪاتن جو ڪردار

حڪومتي ادارن کي چؤماسي موسم کان اڳ ۾ پڪ ڪرڻ گهرجي ته زوردار مينهن پوڻ يا وڇ ڪرڻ سبب ماٹهن، جانورن ۽ پوک کي ڪهڙو، ڪيئن ۽ ڪيترو نقصان پهچي سگهجي ٿو. اُن جو ڪاٹو لڳائڻ کان پوءِ اهڙا ٹُرت قدم کنيا وڃن ته جيئن گهٹ کان گهٹ نقصان ٹئي.





- جيڪڏهن ڪنوڊ ڪرڻ سبب ڪو جاني يا مالي نقصان ٿيو آهي ته اُن جي تڪڙي سهائتا ۽ پوراءُ ڪيئن ڪيو ويندو.



- حڪومت کي هڪ ايمرجنسي مرڪز قائم ڪري ۽ اُن جي عملدارن جا فون نمبر، ريڊيو ۽ سوشل ميڊيا ذريعي ماڻهن تائين پهچائڻ گهرجن.



- بارن، پوڙهن، معذورن، بيمارن ۽ ڳورهارين عورتن لاءِ خاص بندوبست ڪرڻ گهرجي ۽ سهولتون حاصل ڪرڻ جو طريقيڪار ٻڌايو وڃي.



- صحت ڪاتي کي پنهنجيون اسپتالون اهڙي امڪاني ايمرجنسي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ 24 ڪلاڪ کولڻ گهرجن.



- اسپتالن ۾ واڈو بيڊ/بسترا لڳائڻ جو انتظام ڪرڻ گهرجي ۽ اسٽاف خاص طرح سان ليڊي ڊاڪٽر کي ايمرجنسي ڊيوٽي لاءِ پابند ڪيو وڃي.

تعليمي ۽ تحقيقي ادارن جو ڪردار



- ڪنوڻ جي ڪرڻ ۽ نقصان بابت سائنسي بنيادن تي تحقيق ڪئي وڃي.



- سنڌ جي وايومنڊل، ٽرجي طبعي جاگرافي ۽ وڃ ڪرڻ جي ڳڻپ جي پسمنظر ۾ ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ گهرجي.



- ڪنوڻ بابت ٽري لوڪ ڏاهپ ۽ لوڪ ادب ۾ آيل چوٽين، پهاڪن ۽ گيتن کي قلم بند ڪيو وڃي.



- ٽر۾ آيل ماحولياتي تبديلي ۽ ڪنوڻ جي ڳڻپ تي جامع تحقيق ڪئي وڃي.

مددي ۽ فلاحي ادارن جو ڪردار

مددي ادارا جيئن ايڊي فائونديشن، الشفا ٽرسٽ ۽ سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز (1122) ڪي ايمرجنسي ڪي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي ۽ ماڻهن جي سهائتا لاءِ تڪڙيون رٽائون جوڙين ۽ اُنهن جي تشريح سوشل ميڊيا، مقامي ريڊيو ۽ اخبارن ذريعي ڪن .



سماجي تنظيمن ۽ ڪارڪنن جو ڪردار

- وڃ يا ڪنوڻ جي نقصانن بابت عوام کي باخبر ڪن ته هو بچاءُ جا ڪڙا اڳواٽ قدم کٹن .
- مُکيه ڳوٺن ۾ سهائتا مرڪز قائم ڪن .
- ڳوٺن ۾ رضاڪارن جا جٹا ٺاهي ڪنوڻ بابت ماڻهن کي آگاهه ڪن .
- مقامي سطح تي واٽس اپ گروپ ٺاهي هڪ ٻئي سان واسطو رکن ۽ هڪ ٻئي کي آگاهه ڪندا رهن .
- سماجي ڪارڪنن خاص طرح عورتن جي تربيت ڪئي وڃي ته هو ڪنوڻ ڪِرَڻَ سبب پيدا ٿيل ايمرجنسي ۾ متاثر ٿيل شخص جي ڪڙي ۽ ڪيئن مدد ڪري سگهن ٿيون .








ڪنوڻ ڪان بچاءُ بابت ياد رکڻ جهڙيون ڳالهيون

- ڪنوڻ به ٻين قدرتي آفتن جيان هڪ آفت آهي.
- ڪنوڻ ڪان بچاءُ جو واحد حل ڪنهن محفوظ ڇت واري جڳهه ۾ پناهه وٺڻ آهي.
- ڪنوڻ اڳ ۾ ڪريل هنڌ تي وري به ڪري سگهي ٿي.
- مٿي تي اَڪَ جاپَنَ يا ڪو ٻيو ٻوٽو رکڻ سان ڪنوڻ ڪان بچي نٿو سگهجي.
- ڪنوڻ ڪرڻ جي امڪان کي ڪٽهن به رد نه ڪرڻ گهرجي.
- گهر ۾ هر وقت فرسٽ ايڊ جي پيٽي تيار رکڻ گهرجي.






تجويزي ۽ شڪايتي طريقيڪار

هنگامي حالتن ۾ انساني مدد حاصل ڪرڻ توهان جو حق آهي. ان جي بدلي ۾ توهان کي کو به عيوضو نه ڏيڻو آهي، جيڪڏهن ملندڙ امداد جي عيوض توهان کان پيسا يا کنهن به شيءَ جي گهر ڪئي وڃي يا امدادي عملو توهان سان اخلاق سان پيش نه اچي ته هاڻايل موبائل نمبر يا ٻين ذريعن سان رابطو ڪري اسان کي اطلاع ڏيندا. اداروکنهن به اٽوٽندڙ سلوڪ ۽ جنسي استحصال کي سنجيدگي سان وٺي ٿو.

اسان سان رابطي جا ذريعا



موبائل ذريعي



اي ميل ذريعي



شڪايت باڪس ذريعي



اسٽاف سان ميٽنگ دوران

تنظيم جو نالو: فاسٽ رورل ڊولپمينٽ پروگرام

رابطا نمبر: +92 336-0244673

اي ميل: complaints@frdp.org.pk

پتو: گهر نمبر 108 ايڇ ڊي اي ايڪسٽينشن نارٿ، سٽي اسڪول جي

پويان قاسم آباد حيدرآباد سنڌ، پاڪستان.

رپورٽنگ پورٽل: https://frdp.org.pk/complaintandfeedback/

تنظيم جو نالو: ڊبليو. ايڇ. ايڇ کي شڪايت درج ڪرائڻ لاءِ رابطو ڪريو

شڪايت نمبر: +92 300-0501307

اي ميل pak.transparency@welthungerhilfe.de

ملڪي آفيس جو مقامي پتو شڪايتون وصول ڪندڙ ڪميٽي

ويلٿ هنگر هلفي. اي. وي ڪامسيٽس هيڊ ڪوارٽر بلڊنگ، فرسٽ فلور

پلاٽ نمبر 9 شاراهي جمهوريت اسلام آباد، پاڪستان







KEEP IN TOUCH

+92 22 2651015
www.frdp.org.pk
info@frdp.org.pk
B-108 HDA Extension North Behind City School Qasimabad, Hyderabad